# فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

# جون عاجزيون

**04-July-2024**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

4 جولاءِ 2024ء (27 ذُوالحج 1445ھ) تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جون عاجزيون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ.....

- ... مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ايمان افروز دعا
- ... نفس جي وسوسي جي حيرت انگيز ڪاٽ
- ... عَرب ۽ عَجم جي خليفي جو لباس
- ... ادنيٰ لباس ايمان جي علامت آهي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرتِ ابو حَفص ڪاغذِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا سردار هئا، سندن وفات کان بعد ڪنهن خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: الله پاڪ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ انهن جواب ڏنو: الله پاڪ مون تي رحم فرمايو، منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ مونکي جنّت ۾ داخل فرمايو. پڇيو ويو: ڪهڙي عمل جي سبب؟ جواب ڏنائون: جڏهن مان بارگاهِ اِلاهي ۾ حاضر ٿيس تہ الله پاڪ ملائڪن کي منهنجي گناهن ۽ منهنجي پڙهيل درودِ پاڪ جو حساب لڳائڻ جو حڪم ڏنو، جڏهن حساب لڳايو ويو منهنجا درودَ منهنجن گناهن کان وڌيڪ نڪتا تہ الله پاڪ ارشاد فرمايو: بس! اي ملائڪو ڪافي آهي. هن کان وڌيڪ حساب نہ وٺو! هن کي اسان جي جنّت ۾ وٺي وڃو...![(1)]

| | |
|---|---|
| قربِ خُدا ہو حاصِل جنّت میں ہو وہ دَاخِل | جس نے لکھا پڑھا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد |
| جانے بھی دے اِرم کو رِضواں نہ روک ہم کو | سینے پہ لکھ لیا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد |
| جنّت مقام ہو گا دوزخ حرام ہو گا | گر دل پہ لکھ لیا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... القولُ البديْع،صفحہ:124۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي. (1) اي عاشقانِ رسول! چڱي نيت ٻانهي کي جَنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنْ شَآءَ الله چئي ان جو اظهار ڪريو *: عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس *عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس *بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس *بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گهر وجي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ايمان افروز دعا

حضرت علي بن حُسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري جمعي جي اجتماع ۾ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولا علي شيرِ خُدا رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن هيئن دعا گهري:

اَللّٰهُمَّ اَصْلِحْنَا بِمَا اَصْلَحْتَ بِهِ الْخُلَفَاءَ الرَّاشِدِيْن

اي پيارا الله پاڪ! اسان جي اهڙي اصلاح فرماءِ جهڙي تو خُلفاءِ راشدين جي فرمائي.

جمعي کان بعد بنو هاشم جو هڪ نوجوان مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: اي اميرُ المؤمنين! اوهان دعا گهري هئي: الٰهي! تو جهڙي خُلفاءِ راشدين جي اصلاح فرمائي، اسان جي بہ اهڙي اصلاح فرماءِ.

---

[1]... بخاری، کتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

خُلفاءِ راشدين مان اوهان جي ڇا مُراد آهي؟ هي ٻڌي ڪري مولاءِ ڪائنات، مولا علي مُشڪل ڪُشا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، پوءِ فرمايائون: خُلفاءِ راشدين مان منهنجي مُراد حضرت ابوبڪر صديق ۽ عُمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُما آهن. مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وڌيڪ فرمايو: ❁هي ٻئي شخصيتون هدايت جا امام آهن❁ٻئي ئي شيخُ الاسلام آهن❁رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان بعد هنن کان ئي هدايت ملندي آهي❁جيڪو هنن ٻنهي جي پيروي ڪري، اهو صراطِ مستقيم تي هلڻ وارو آهي❁جيڪو هنن ٻنهي کي پنهنجو امام ٻڻائي، اهو هدايت تي رهندو آهي❁۽ جيڪو ابوبڪر ۽ عُمر (رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا)جو دامن مضبوط پڪڙي وٺي، اهو الله پاڪ جو ٽولو آهي ۽ الله پاڪ جو ٽولو ئي ڪامياب آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مولا علي شيرِ خُدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو ئي هڪ ٻيو فرمان ٻڌندا! فرمائن ٿا: اهڙو اعمال نامو جيڪو مان قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ کڻي وڃڻ چاهيان ٿو، اهڙو اعمال نامو مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو آهي.[2]

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو: يقيناً حضرت عليُ المرتضيٰ شيرِ خُدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پاڻ بہ تمام وڏي مرتبي وارا آهن❁سندن پاڪيزه سيرت❁سندن ڪردار❁سندن اخلاق ۽ عادتن❁عبادتن وغيره ۾ بہ ڪا ڪَمي ناهي، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بہ نهايت ئي باڪمال آهن پر هر ڪمال وارو گهٽي ڪمال واري ڏانهن رغبت رکندو آهي، يقيناً مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو هي فرمانِ عاليشان اسان جي تعليم جي لاءِ آهي، اوهان هن مان اندازو لڳايو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي سيرت، سندن ڪردار ڪيترو عظيم آهي. هي ذهن ۾ رهي تہ اعمال نامي ۾ انسان جو هر ننڍو وڏو عمل لکيل هوندو آهي، جڏهن مولا علي شيرِ خُدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائي رهيا

---

[1]…شرح اصول اعتقاد اہل السنۃ و الجماعۃ، جز:7، جلد:4، صفحہ:161، حدیث:2501۔

[2]…بخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی، باب مناقب عمر بن الخطاب،صفحہ:934، حدیث:3685 ۔

آهن تہ هر اهو ننڍي کان ننڍو ۽ وڏي کان وڏو عمل جيڪو فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ جي اعمال نامي ۾ لکيو ويو آهي، مان چاهيان ٿو تہ بلڪل ائين ئي اعمال منهنجي اعمال نامي ۾ لکيل هجن.

بہار باغ ایماں، حضرت فاروقِ اعظم ہیں
چراغ بزم عرفاں، حضرت فاروقِ اعظم ہیں
نمایاں آپ کی ہر ادا سے شان فاروقی
خدا کی تیغ براں، حضرت فاروقِ اعظم ہیں (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ صحابيءِ رسول بلڪ مُرادِ رَسُول آهن، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کين اللّٰه پاڪ کان گهري ورتو هو يعني رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ دُعا فرمائي، جنهن جي نتيجي ۾ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اسلام قبول ڪيو هو-

رسول اللہ نے فاروق کو اللہ سے مانگا
عطاءِ رَبِّ سُبحاں، حضرتِ فاروق اعظم ہیں
چُنا اس پاک نے دیں کے لئے اس پاک ستھرے کو
حبیبِ دِین داراں، حضرتِ فاروق اعظم ہیں (2)

❁حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي اسلام قبول ڪرڻ سان اسلام جي عزت ۽ غلبي ۾ وڌيڪ اِضافو ٿيو، مسلمانن کي حوصلو مليو❁ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي

---

[1]...ديوانِ سالک، صفحہ:73۔

[2]...ديوانِ سالک، صفحہ:73، 74۔

قبولِ اسلام کان بعد ئي مسلمانن حرمِ پاڪ ۾ اعلانيہ نماز ادا ڪئي۞رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْه کي پنهنجو وزير فرمايو۞ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه الله پاڪ جا پيارا آهن۞ سندن اسلام قبول ڪرڻ تي ملائڪن خوشي ملهائي۞بارگاھ رسالت مان سندن فاروق لقب مليو. فاروق جي معنيٰ آهي: حق ۽ باطل ۾ فرق ڪري ڇڏڻ وارو۞قرآن پاڪ جون تقريباً 20 آيتون سندن راءِ جي مطابق نازل ٿيون۞سندن کي هن امت جو مُحَدَّث فرمايو ويو ۽ مُحَدَّث اهو هوندو آهي جنهن جي زبان تي ملائڪَ ڪلام ڪندا آهن۞ اسلام جي تمام اَهم منصوبہ بندين ۾ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْه الله پاڪ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا خاص مُشِير رهيا۞سڄي زِندگي حُضُور جانِ ڪائنات، فخر موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ گذاريائون۞پهرين خليفي حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي وفات کان پوءِ 12 سالن تائين مسلمانن جا خليفہ ۽ اَمِيرُ المُؤمِنِين رهيا.

پسِ صدیق اکبر مصطفےٰ کے سب صحابہ میں | ہے بے شک سب سے اُونچا مرتبہ فاروقِ اعظم کا[1]

۞ آخر مسجدِ نبوي شريف ۾، نمازِ فجر پڙهائيندي، هڪ ڪافِر خنجر سان سندن تي حملو ڪيو، جنهن سبب سندن زخمي ٿي پيا ۽ مديني پاڪ ۾ شهادت جي موت نصيب ٿي. حضرت صُهيب رَضِيَ اللهُ عَنْه سندن نمازِ جنازه پڙهائي ۽ روضي پاڪ ۾ حضور جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پهلو مبارڪ ۾ دَفن ٿيا.[2]

حیاتی میں تو تھے ہی خدمتِ محبوبِ خالق میں | مزار اب ہے قریبِ مصطفےٰ فاروقِ اعظم کا[3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ:526۔

[2]... ڪرامات فاروقِ اعظم، صفحہ:5تا6خلاصةً۔

[3]... ڪرامات فاروقِ اعظم، صفحہ:7۔

# فاروقِ اعظم جون عاجزيون

پيارا اسلامي ڀائرو: اسان حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو فرمانِ ذيشان ٻڌو، سندن تمنا هئي تہ منهنجو نامہءِ اعمال بہ اهڙو ئي هجي، جهڙو فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو آهي. ڪاش! هي خوبصورت تمنا اسان ڪي بہ نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان بہ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي سيرت تي عمل ڪرڻ وارا، انهن جهڙا اخلاق ۽ ڪردار اپنائڻ وارا بڻجي وڃون.

| | |
|---|---|
| بیشک مئے توحید سے سرشار عمر ہیں | ہے سب کو پتہ پر تَوِ سرکار عمر ہیں |
| سیرت میں نمایاں ہیں شہِ دین کے جلوے | اخلاص کا پیکر ہیں! وفادار عمر ہیں |

**وضاحت:** بيشڪ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ الله پاڪ جي توحيد ۾ ٻڏل، اخلاص و وفا جا پيڪر، سنتن جا اهڙا پابند آهن جو سندن سيرت مبارڪ ۾ پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم جي زندگي جا جلوا نظر ايندا آهن، تڏهن تہ سيني کي خبر آهي تہ پاڻ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم جو عڪس آهن. يقيناً حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي سيرتِ پاڪ کي پڙهڻ، ان مان روشني وٺڻ نهايت ضروري آهي. الحمدلله! دعوتِ اسلامي جي علمي ۽ تحقيقي شعبي المدينۃُ العلميہ (اسلامک ريسرچ سنٽر) سندن سيرت تي نهايت ئي جامع ڪتاب: فيضانِ فاروقِ اعظم لکيو آهي، 2 جلدن تي ڪافي وڏو ڪتاب آهي. مڪتبۃُ المدينہ تان ملي سگهي ٿو، ان کي خريد ڪيو! يا پوءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪيو! ان کي پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ ان جي ذريعي سان حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي سيرت، سندن اخلاق، ڪردار، عادتن جي معلومات وٺي ڪري، انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش فرمايو!

## نفس جي وسوسي جي حيرت انگيز ڪاٽ

حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي خلافت جو دور هو، هڪ ڏينهن پاڻ اوچتو جنگ جو اعلان ڪرايو تہ سڀ ماڻهو مسجد ۾ جمع ٿي وڃن. سو جلد ئي سڀ ماڻهو مسجد ۾ جمع ٿي ويا، هاڻي فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جن منبر تي

تشريف وٺي آيا، سندن الله پاڪ جي حمد ۽ ثنا ڪئي، پوءِ فرمايائون: اي انسانو...! مون پنهنجي متعلق غور ڪيو تہ مونکي ياد آيو تہ هڪ وقت اهو بہ هو جڏهن مان پنهنجي ماسيءَ جون ٻڪريون چاريندو هيس، انهن جي لاءِ کوهہ مان پاڻي ڪڍندو هيس، منهنجي ان ڪم تي منهنجي ماسي مونکي مُٺ ڀري کَتلون ڏئي ڇڏيندي هئي.

حضرت فاروقِ اعظم رضي الله عنه بس اوترو ئي فرمايو ۽ منبر تان هيٺ تشريف وٺي آيا. (ماڻهو حيران هئا تہ هيءَ ڪهڙي ڳالهہ ٿي، سيني کي جمع ڪيائون، منبر تي تشريف وٺي آيا، اسان تہ سمجهي رهيا هئاسين تہ ڪا نهايت اهم ڳالهہ هوندي پر سندن ماضي جي هڪ معمولي ڳالهہ ٻڌائي ۽ بس...!! ڇا اسان سيني کي صرف هن جي لاءِ جمع ڪيو ويو هو؟) ان ميڙ ۾ عظيم صحابيءِ رسول حضرت عبدُ الرحمٰن بن عوف رضي الله عنه بہ موجود هئا، پاڻ رضي الله عنه همت ڪري عرض ڪيائون: اي اميرُ المؤمنين! مونکي نہ ٿو لڳي تہ اوهان صرف هيءَ ئي ڳالهہ ٻڌائڻ جي لاءِ ماڻهن کي جمع ڪيو آهي؟ شايد اوهان ڪجهہ ٻيو ئي فرمائڻ چاهيو ٿا؟ حضرت فاروقِ اعظم رضي الله عنه فرمايو: اي عَوف جا پٽ! ڳالهہ اصل ۾ هيءَ آهي تہ مان اڪيلائيءَ ۾ هيس، منهنجي نفس مونکي چيو: اي عُمر! هاڻي تون اميرُ المؤمنين آهين، سيني مسلمانن جو خليفو آهين، توهان جي ۽ خدا جي وچ ۾ هن وقت ڪو ٻيو واسطو نہ آهي، بس توهان ئي سيني کان افضل آهيو....!! جڏهن منهنجي نفس مونکي هيئن وسوسو ڏياريو تہ مون توهان سيني کي جمع ڪري، پنهنجي پُراڻي ياد توهان سيني جي سامهون بيان ڪري نفس کي ان جي اوقات ياد ڏياري ڇڏي. (1)

الله! الله پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ ڪيڏي عظيم ڳالهہ آهي...!! ❁وقت جا خليفہ آهن❁قطعي جنتي آهن❁يقيناً جڏهن سندن دورِ خلافت هو، يعني پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ حضرت صديقِ اڪبر رضي الله عنه دنيا مان

---

[1]...المجالسة و جواہر العلم، جز:12، جلد:2، صفحہ:164، رقم:1683 بتصرف۔

پردو فرمائي چڪا هئا، ان وقت زنده ماڻهن ۾ سيني کان افضل حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ئي هئا، جڏهن اهڙي حالت هجي، انسان ايڏي وڏي مرتبي تي پهتل هجي ته ڪڏهن نه ڪڏهن دل ۾ خيال اچي ئي ويندو آهي ته مان ايڏي وڏي مرتبي وارو آهيان پر قربان وڃو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي سوچ ڪيتري اعليٰ هئي، پاڻ نفس جي چالن ۽ شرارتن جي ڪيتري قدر ڄاڻ رکندا هئا جو ٿورو خيال ئي آيو، ان کان پهريان جو هي خيال خودپسندي اختيار ڪري ها، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فوراً وڏي ميڙاڪي ۾ بيهي ڪري پنهنجي ماضي کي ياد ڪيو ۽ نفس کي هي ٻڌائي ڇڏيو ته اي نفس! اڄ جيڪو رتبو توکي مليل آهي، ان تي غرور نه ڪجانءِ، هي سڀ الله پاڪ جي ڪرم نوازي آهي، ان جي عنايت آهي، هميشه ان جي بارگاهه ۾ عاجزي ڪندي شڪر جو مٿو جهڪيل رکجانءِ.

دوسرے بر حق خلیفہ نائبِ میرِ حجاز | شوکتِ اسلام کا وہ اک نشانِ امتیاز
نامِ نامی تھا عمر جن کا، لقب فاروق تھا | پیکرِ عَزم و حَمیّت، صاف ظاہر پاکباز

## نفس جي شرارَتُن کان بچندا ڪيو

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ اسان جي لاءِ به سبق آهي. پهريان ته اسان کي نفس جي اهڙين چالن جي خبر ئي ناهي هوندي، حال هي آهي ته اسان گناهگار آهيون ❀اسان جو مقام اهو ناهي جيڪو حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو هو❀اسان جون عبادتون ان درجي جون ناهن، جنهن درجي جون فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جون هيون❀اسان جو ڪردار اهڙو ناهي، جهڙو فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو هو❀اسان جا اخلاقَ اهڙا ناهن، جهڙا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جا هئا❀دنياوي اعتبار سان به اسان جو مقام، مرتبو، عزت، شهرت ان درجي جي ناهي، جنهن درجي جي حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي هئي، ان جي باوجود اسان جو حال بي حال آهي، نفس چالون ڪيڏي ٿو، انهن چالن کان بچڻ ته پري جي ڳالهه آهي،

اسان کي انهن چالن جي خبر ئي ناهي هوندي❁اسان جي اندران هڪ آواز ايندو آهي: تون تمام سُٺو آهين. اسان مڃي وٺندا آهيون❁اندر مان آواز ايندو آهي: تون تمام گهڻو نيڪ آهين. اسان مڃي وٺندا آهيون❁اندر مان آواز ايندو آهي: تون تمام جاندار، شاندار، عبادت گذار، بي مثال آهين، اسان مڃي وٺندا آهيون❁نفس چوندو آهي: تون لکن ۾ نه، ڪروڙن ۾ هڪ آهين، اسان چپ ڪري مڃي وٺندا آهيون. اسان کي هي اندازو ئي ناهي ٿي سگهندو ته اسان جو نفس اسان کي ورغلائي رهيو آهي، اسان جو نفس اسان کي خودپسندي، تڪبر، غرور وغيره باطني بيمارين ۾ مبتلا ڪري رهيو آهي، جڏهن اسان سڃاڻي ناهيون سگهندا ته ان جو علاج به ناهيون ڪري سگهندا.

توهان کي معلوم آهي: تقريباً 150 کان وڌيڪ باطني بيماريون آهن ۽ هي سڀئي جهنم ۾ وٺي وڃڻ واريون آهن. عام طور انهن باطني بيمارين جا نالا به ماڻهن کي معلوم ناهن هوندا. پوءِ انهن جي تفصيلات، انهن جو شرعي حڪم، انهن کان بچڻ جا طريقا، وغيره وغيره هي ديني معلومات ته شايد ئي ڪنهن کي ايندي هجي.

هڪ معلوماتي ڳالهه عرض ڪيان؟ انهن سڀني باطني بيمارين جي شروعات خيالات سان ٿيندي آهي. جهڙوڪ❁خودپسندي هڪ باطني بيماري آهي، شروع شروع ۾ اسان کي صرف خيالات ايندا آهن، دل ئي دل ۾ سوچ پيدا ٿيندي آهي ته مان ته ايترو سُٺو آهيان، مان هي به ڪندو آهيان، هو به ڪندو آهيان، منهنجي اندر هيءَ به خوبي آهي، هوءَ به خوبي آهي، پوءِ آهسته آهسته هي خيالات دل ۾ جڳهه بنائڻ لڳندا آهن، پوءِ آهسته آهسته اهي ئي خيالات خودپسندي جو مرض بڻجي ويندا آهن.❁اهڙيءَ ريت تڪبر آهي❁حُبِّ جاهه (يعني مقام ۽ مرتبي جي خواهش) آهي❁تعريف جي خواهش آهي❁حرص❁ڊگهي اميد وغيره بيماريون آهن، انهن سڀني جي شروعات خيالات سان ٿيندي آهي، پوءِ هي مرض جي

صورت اختيار ڪري ويندي‌ون آهن. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي علم جو ڪمال ڏسو...!! سندن دل ۾ هي خيال اچڻ بيماري نه هئي، هي جُرم نه هو، هي گناهه نه هو پر سندن نفس جي چالن کان پوري طرح واقف هئا. سندن نفس جي هن چال کي پاڙان پڪڙي ورتو ۽ ان جو خاتمو ڪري ڇڏيائون.

الله پاڪ اسان جي حال تي به رحم فرمائي، ڪاش! اسان کي به باطني بيمارين کان، نفس جي چالن کان بچڻ نصيب ٿي وڃي.

سر ہے خَم ہاتھ میرا اُٹھا ہے | یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
فَضل کی رحم کی اِلتِجا ہے | یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
حُبِّ دُنیا میں دل پھنس گیا ہے | نَفسِ بدکار حاوِی ہوا ہے
ہائے شیطاں بھی پیچھے پڑا ہے | یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے [1]

## نفس کي سڌارڻ وارا ئي ڪامياب آهن

الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ زَكّٰىهَا ○ وَقَدۡ خَابَ مَنۡ دَسّٰىهَا ○ (پاره:30، اَلشَّمس:10)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ جنهن نفس کي پاڪ ڪري ورتو اهو ڪامياب ٿي ويو. ۽ بيشڪ جنهن نفس کي گناهن ۾ لڪائي ڇڏيو اهو ناڪام ٿي ويو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمه ۾ صاف صاف فرمايو ويو ته ڪامياب اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي نفس کي سڌاري وٺندو آهي ۽ جيڪو ان کي نه سڌاري سگهي، اهو ناڪام ۽ نامُراد آهي.

## نفس جي مخالفت جي ترغيب

صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جو هڪ لشڪر جنگ کان واپس آيو ته الله پاڪ جي

[1]...وسائلِ بخشش، صفحه:134.

سڀ کان آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي ارشاد فرمايو: خوش آمديد! توهان ننڍي جنگ کان وڏي جنگ جي طرف آيا آهيو. عرض ڪيو ويو:

يارسولَ الله صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ وڏي ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: مُجَاهِدَةُ الْعَبْدِ هَوَاه يعني ٻانهي جو پنهنجي نفس کان وڙهڻ. (1)

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلْمُجَاهِدُمَنْ جَاهَدَ نَفْسَهٗ فِيْ طَاعَةِ اللهِ يعني مُجاهد اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي اطاعت ۾ نفس کان وڙهندو آهي.

الله پاڪ اسان کي توفيق ڏي، نفس کي سڌارڻ به هڪ ڪم آهي، پنهنجي اندر جا عيب ڳولڻ ۽ انهن کي درست ڪرڻ به اسان جي ذميواري آهي بلڪ هيءَ ئي اصل ذميواري آهي، الله پاڪ اسان کي ان جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صلى الله عليه واٰلهٖ وسلم

فخر و غُرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا | یاربّ! مجھے بنا دے پیکر تُو عاجِزی کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه ڪهڙي ڪهڙي انداز ۾ پنهنجو پاڻ جي سار سنڀار لهندا هئا؟ ٻڌو!

## نفس کي ذليل ڪرڻ جو پڪو ارادو

حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جا شهزاده حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللهُ عَنْهما فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جن پاڻي جي گلي پنهنجي ڪلهن تي کنيائون (حالانڪ پاڻ ان وقت خليفه هئا، چاهين ها ته ڪيئي ملازم هي ڪم ڪري وٺن ها پر پاڻ خود پنهنجي ڪلهن تي گلي کنيائون) سندن عرض ڪيو ويو:

---

[1]...الزہد الکبیر للبیہقی، صفحہ:165، حدیث:373۔

سائين! اوهان نہ ڪٿو! اسان هي ڪم ڪري ٿا ونون. فرمايائون: اِنَّ نَفْسِیْ اَعْجَبَتْنِیْ فَاَرَدْتُّ اَنْ اُذِلَّهَا يعني منهنجي نفس مونکي خودپسندي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو تہ مون ان کي ذليل ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ورتو. (1)

الله اڪبر! ڪٿي حضرت فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ جهڙي بلند رتبي واري شخصيت ۽ ڪٿي خودپسندي جهڙي بُري باطني بيماري...!! خودپسندي تہ سندن ويجهو ڪان بہ نہ گذري هوندي پر هي حضرت فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ جي ڪمال عاجزي آهي، پاڻ وقت جا خليفہ هئا، تنهنڪري ڊڄندا هئا تہ هن منصب جي وجهہ سان ڪٿي سندن خودپسندي ۾ مبتلا نہ ٿي وڃن، تنهنڪري هن طرح جي ڪمال عاجزي واريون ادائون اپنائيندا هئا.

## اسان جون بنا عاجزي واريون عادتون

ڪاش! اسان کي بہ عاجزي ۽ انڪساري نصيب ٿي وڃي❁اسان تہ خليفہ بہ نہ آهيون❁ڪو منصب بہ نہ آهي❁عهدو بہ اسان وٽ نہ آهي❁تمام وڏا عبادت گذار بہ نہ آهيون❁ڪي وڏا عالِم ۽ فاضل بہ نہ آهيون❁جيڪڏهن ڪڏهن آئيني جي سامهون بيهي ڪري غور ڪيون❁انصاف سان پنهنجو پاڻ جي تلاشي ونون تہ شايد هڪ بہ فضيلت واري ڳالهہ پنهنجي اندر نظر نہ اچي پر افسوس! آهيون تہ گناهہ جو گهر پر خبر ناهي پنهنجو پاڻ کي ڇا سمجهي وينا آهيون❁هڪ گلاس پاڻي جو پاڻ اٿي ڪري پيئڻ پسند ناهي هوندو❁گهر ۾ ڪپڙا استري نہ هجن تہ دانهون ڪندا آهيون، رڙيون ڪندا آهيون، ڪاوڙ ڏيکاريندا آهيون❁وقت تي ڪاڌو نہ ملي تہ ڪاوڙ ۾ منهن ڳاڙهو ٿي ويندو آهي، نوڪر چاڪر آهن يا ناهن، البت خواهش هوندي آهي تہ مان بس ڪُرسي تي ويهان، اڳيان پنيان نوڪر هجن، منهنجو سمورو ڪم ڪن ۽ مان نواب بڻجي ڪري آرام ڪندو رهان.

---

1... المجالسة و جواہر العلم، جز:17، جلد:2، صفحہ:385، رقم:2423ـ

ڪاش! اسان کي عاجزي نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان پنهنجو پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ ڇڏي ڏيون، ڪاش! مٿو جهڪائڻ، پنهنجو پاڻ کي بلڪل بيڪار، ڪنهن نہ ڪم جو سمجهڻ ۽ پوءِ ان جي مطابق نهايت عاجزي سان زندگي گذارڻ نصيب ٿي وڃي.

## عاجزيءَ انڪساري سان رِفعت (بلندي) ملندي آهي

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَا تَوَاضَعَ اَحَدٌ لِلّٰهِ اِلَّا رَفَعَهُ اللّٰهُ جيڪو بہ اللہ پاڪ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪندو آهي اللّٰہ پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. (1)

هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: اَلتَّوَاضُعُ لَا يَزِيْدُ الْعَبْدَ اِلّا رِفْعَةً فَتَوَاضَعُوْ ا يَرْفَعَكُمُ اللّٰهُ عاجزي ٻانهي کي صرف بلندي ئي عطا ڪندي آهي، بَس عاجزي ڪندا ڪريو! اللّٰہ پاڪ توهان کي بلند رتبو عطا فرمائي ڇڏيندو. (2)

## پنهنجو پاڻ کي ڪجهہ نہ سمجهو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو: هي جيڪا پنهنجو پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ واري عادت آهي، هي نهايت بُري آهي، هيءَ عادت ئي آهي جيڪا اسان کي عاجزي اپنائڻ ناهي ڏيندي...!! حقيقت ۾ ڏسون تہ اسان ڪجهه بہ نہ آهيون، اسان جي حقيقت ڇا آهي؟ اسان مٽيءَ مان ٺهيا آهيون، آخر ۾ ٻيهر مٽي ٿي ويندا سين. بابا بُلي شاهہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

مِٹّی دَا تُوں، مِٹّی ہَوْنَا، کاہدی بَلے بَلے
اَج مِٹّی دَے اُتَّے بَنْدیا، کل مِٹّی دے تھلے

---

[1]...مسلم، کتاب البر و الصلة، باب استحباب العفو...الخ، صفحہ:1002، حديث:2588۔

[2]...الترغيب لابن شاہين، باب فضل التواضع...الخ، صفحہ:80، حديث:236۔

**وضاحت:** يعني اي ٻانها! تون مٽي مان ٺهيو آهين، مٽي ئي تي وڃڻو آهي، پوءِ ڪنهن ڳالهه جو غرور، ڪنهن ڳالهه جي ٻَلي ٻَلي...!! اج تون مٽِيءَ مٿان آهين، سڀاڻي مٽيءَ جي هيٺان هليو ويندين...!! بس هيءَ ئي تنهنجي ابتدا ۽ انتها آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ ئي حقيقت آهي...!! ڪاش! هن حقيقت کي اسان دل سان مڃي ڪري عملي طور تي هن کي زندگي ۾ اپنايون ته سڄو مسئلو ئي ختم ٿي ويندو.

## فاروقِ اعظم جو سفرِ حج عام مسلمانن وانگر

حضرت فاروقِ اعظم رضي الله عنه جي زندگي مبارڪ ڏسون ته اسان کي اهو ئي نظر ايندو آهي، پاڻ رضي الله عنه گهڻو ڪجهه هئا❁ پاڻ رضي الله عنه الله ۽ رسول جا پيارا به آهن❁مصطفيٰ جا وزير به آهن❁عبادت گذار به آهن❁نهايت ئي عقلمند به آهن❁خليفه به آهن❁هن دنيا ۾ جيترا به انسان آيا آهن ۽ جيترا به قيامت تائين ايندا، انهن سڀني ۾ نبين کان بعد ۽ حضرت صديقِ اڪبر رضي الله عنه کان بعد سڀني کان افضل، سڀني کان بُلند رتبي وارا فاروقِ اعظم رضي الله عنه ئي آهن، حضرت مولاءِ ڪائنات، مولا علي رضي الله عنه جن(فاروقِ اعظم) جهڙو ٿيڻ جي خواهش فرمائن، پاڻ سوچي ونو! ته اهي فاروقِ اعظم رضي الله عنه ڪيڏي وڏي رتبي وارا هوندا، ايڏو افضل ۽ اعليٰ هجڻ جي باوجود سندن هي ڪمال هو جو پنهنجو پاڻ کي ڪجهه به نه سمجهندا هئا، عام ماڻهن جيان سادي زندگي گذاريندا هئا. حضرت عامر بن ربيعه رضي الله عنه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت فاروقِ اعظم رضي الله عنه حج جي لاءِ مڪي پاڪ جي طرف روانا ٿيا، سڄي حج جي سفر ۾ سندن جتي به پڙاء ڪيائون، رستي ۾ جتي به ترسيا، نه اتي خيمو کوڙيائون، نه شاهي انتظام ڪيائون، بَس ڪنهن وڻ تي چادر ٽنگيندا هئا ۽ ان جي ڇانوَ ۾ ويهي رهندا هئا. (1)

---

[1] ...تاريخ الاسلام للذهبي، سنة ثلاث و عشرين، الوفيات، جلد:2، صفحه:95۔

سبحانَ الله! ڇا شان آهي...!! وقت جا خليفہ آهن، اڌ دنيا جا اڪيلا حڪمران آهن، ان جي باوجود ڪو پروٽوڪول ناهي، ڪو اهتمام ناهي، سادي چادر آهي، وڻ تي ٽنگرائِن ٿا ۽ ان جي ڇانوَ ۾ ويهي رهن ٿا. هي اسان جي بزرگن جون ادائون آهن، خبر ناهي اسان ڪي ڪٿان پروٽوڪول جي عادت پئجي وئي آهي❁ مڱڻين شادين وغيره دعوتُن ۾ اسان جو سُني طريقي سان استقبال نہ ٿئي تہ اسان ڪي مزو ناهي ايندو❁ويهڻ جي لاءِ سُني جڳھ نہ ڏني وڃي تہ منهن خراب ڪري ڇڏيندا آهيون يعني بُرو سمجهندا آهيون❁جيڪڏهن ڪو اڳتي وڌي ڪري اُٿي ادب سان سلام نہ ڪري تہ دل ۾ بُرا بُرا خيالات اچڻ شروع ٿيندا آهن❁ ڪو اسان جي شان جي خلاف جملو چئي وجهي تہ اسان ڪاوڙ ۾ ڳاڙها ٿي ويندا آهيون. ڪاش! عاجزي ملي وڃي.

دل سے غرور نکلے، بہر حضور نکلے | یارب! مجھے بنادے پیکر تو عاجزی کا

## فاروقِ اعظم معافي گهري

حضرت اَحۡنَف رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: هڪ پيري مان فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ سان گڏ هيس، ايتري ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ ان پنهنجي ڪنهن حاجت جو سوال ڪيو، حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ ان وقت ڪنهن وجھ سان جلال ۾ هئا، سندن هٿ ۾ دُرّو (ڪَوڙو) هو، سندن اهو ڪَوڙو ان شخص جي مٿي تي هنيائون ۽ ان کي ڇڙٻ ڏنائون.

اهو شخص مايوس ٿي ڪري واپس هليو ويو، اڃان ٿورو ئي وقت گذريو هو، حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جن فرمايو: ان شخص کي مون وٽ سڏي اچو! سو ان کي حاضر ڪيو ويو. پاڻ ڪَوڙو ان شخص کي ڏنائون ۽ فرمايائون: مون سان خطا ٿي، پنهنجو بدلو وٺو...!!

ان شخص عرض ڪيو: سائين مان الله پاڪ جي رضا جي لاءِ معاف ڪريان ٿو. فرمايائون: سوچي وٺو! واقعي الله جي رضا جي لاءِ معاف ڪري رهيو آهين

يا منهنجي وجھ سان؟ عرض ڪيائين: نہ بلڪ مان اللہ پاڪ جي رضا جي لاءِ معاف ڪري رهيو آهيان. هي ٻڌي ڪري حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ گهر تشريف وٺي ويا، پاڻ 2 رڪعتون نماز پڙهي، پوءِ پنهنجو پاڻ کي مخاطب ڪندي فرمايائون: ❁اي ابنِ خطاب...!! تون ڪمزور هُئين، اللہ توکي بُلندي عطا ڪئي❁تون غير مُسلم هُئين، اللہ پاڪ توکي اسلام جي هدايت بخشي❁تون رُسوا هُئين، اللہ پاڪ توکي عزت سان نوازيو❁پوءِ توکي ماڻهن جو حڪمران بڻايو، هاڻي تون مدد گهرڻ وارن کي مارين ٿو...!! سڀاڻي اللہ پاڪ جي بارگاھ ۾ ڇا جواب ڏيندين؟ پاڻ ڪافي دير تائين پنهنجو پاڻ کي ائين ئي ڇڙٻون ڏيندا رهيا.

اللہ اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! ڪهڙي ڪمال جي ڳالھ آهي...!! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ پنهنجو پاڻ کي ڪهڙي انداز ۾ مخاطب ڪندا هئا، هن دنيا مان وڃڻو آهي، قبر ۾ لهڻو، پوءِ رب جي بارگاھ ۾ بيهڻو آهي، سندن هن ڳالھ کان ڪيترو ڊڄندا هئا، ڪهڙي طرح ننڍين ننڍين ڳالهين تي پنهنجي پَڪڙ فرمائيندا هئا. افسوس! هاڻي حالات ٻي طرح جا آهن، اسان تہ ٻين کي ماريندا، ڇڙٻون ڏيندا، جهيڙو جهڳڙو بہ ڪندا آهيون پر احساس ئي ناهي هوندو، ٿوري ٿوري ڳالهين تي ڪاوڙ ۾ اچي ويندا آهيون، اڪيون ڳاڙهيون ڪري وٺندا آهيون❁مونکي سڃاڻين نہ ٿو...!!❁مان فلاڻو آهيان، فلاڻو...!! ❁منهنجي اڳيان آواز تيز ٿو ڪرين❁مون کان وڙهندين❁وغيره وغيره جُملا ڳالهائي ڪري خبر ناهي پنهنجو پاڻ کي ڇا سمجهندا آهيون، ٻين جي دل آزاري ڪرڻ، ڏک ڏيڻ اڄڪلھ تہ معمولي ڳالھ آهي، ٿوري ٿوري ڳالھ تي جهيڙا ٿي ويندا آهن، هٿوپائي تائين ڳالھ پهچي ويندي آهي، هي سڀ ڇا جي لاءِ...؟ ان ڪري جو اسان پاڻ کي گهڻو ڪجھ سمجهندا آهيون، حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي ڏسو! باربار پنهنجو پاڻ کي چوندا هئا: اي عُمر! تون ڪمزور هُئين، اللہ پاڪ توکي بُلندي ڏني، اي عُمر! توکي اللہ پاڪ هدايت ڏني، اللہ پاڪ

عزت بخشي، اللہ پاڪ بُلند ڪيو آهي، قيامت جي ڏينهن اللہ جي بارگاھ ۾ ان جو حساب ڪيئن ڏيندين...؟ ڪاش! اسان کي بہ هيءَ سوچ نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اللہ پاڪ جي بارگاھ ۾ حاضري جو خوف ملي وڃي، پوءِ تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ٻاڙ ئي پلا ٿي ويندا.

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ غلامن جو هٿ ونڊائيندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ تمام وڏا خليفہ هئا، اڌ دنيا جا اڪيلا حڪمران هئا، ان جي باوجود انداز عام مسلمانن وارو رکندا هئا، سندن عادت هئي تہ هر هفتي ڳوٺن جي علائقن ۾ ويندا، باغن ۽ فصلن جو جائزو وٺندا، اتي ڪم ڪرڻ وارن غلامن ۾ جيڪڏهن ڪو اهڙو غلام هوندو هو جنهن کي وزن کڻڻ ۾ مُشڪل پيش ايندي هئي تہ ان جي مدد ڪرڻ ۾ بلڪل بہ شرمائيندا نہ هئا بلڪ اڳتي وڌي ڪري انهن جو وزن کڻائيندا هئا. (1)

## بازار مان سودو آڻي ڏيندا هئا

اهي خوش نصيب ماڻهو جيڪي راهِ خُدا ۾ سفر تي هوندا هئا، حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ انهن جي گهر وارن جو خيال رکندا، انهن جي گهر ويندا، ڪنهن شيءِ جي ضرورت هوندي هئي تہ فراهم ڪندا، ايستائين جو بازار وڃي ڪري خود انهن جو سودو سامان بہ خريد ڪري آڻي ڏيندا هئا. (2)

## اَپاهج، نابينا، پوڙهي عورت جي مدد

حضرت امام اَوزاعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ هڪ پيري رات جي وقت اَميرُ المؤمنين! حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ پنهنجي گهران نڪتا تہ حضرت طلحہ بن عُبيدُ اللہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ انهن کي ڏسي ورتو ۽ لِڪي لِڪي انهن جو پيڇو

[1]...فيضانِ فاروقِ اعظم، جلد:2، صفحہ:98-

[2]...فيضانِ فاروقِ اعظم، جلد:2، صفحہ:114 ملخصاً-

ڪرڻ لڳا تہ ڏسان اميرُ المؤمنين! هن وقت ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن؟ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ هڪ گهر ۾ داخل ٿيا. ڪجھ دير ڪان پوءِ ٻاهر آيا ۽ وري هڪ ٻئي گهر ۾ داخل ٿي ويا. حضرت طلحہ بن عُبيدُ الله رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ان گهر ڪي ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو ۽ صبح ان گهر ۾ ويا ڏٺائون تہ ان گهر ۾ هڪ پوڙهي، اپاهج نابينا خاتون رهندي آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيتري ڪمال جي ڳالھ آهي، وقت جو خليفو پاڻ هلي ڪري ماڻهن جي مدد ڪري ٿو، بازار مان سودو سامان آڻي ڏي ٿو. غريبن، بي سهارن جي مدد ڪري ٿو ۽ ان ۾ پنهنجو شان گهٽجڻ نٿو سمجهي...!!

هيءَ خيرخواهي آهي، ڪاش! اسان کي بہ اهڙي توفيق نصيب ٿي وڃي، سچي ڳالھ اها آهي تہ افسوس اسان جو عمل اهڙو ناهي، مان...!! فلاڻو بن فلاڻو، ايڏي وڏي مرتبي وارو پاڻ پنهنجي ڪُلهن تي سامان ڪڻي ڪري فلاڻي کي ڏيان، ائين ٿي نہ ٿو سگهي...!! خبر ناهي ڇو اڄڪلهہ وڏي ڪري ٻين جي مدد ڪرڻ بلڪ پنهنجي ئي گهر جو سودو سامان وغيره بازار مان وٺي اچڻ اسان پنهنجي شان جي خلاف سمجهندا آهيون. الله پاڪ اسان کي هدايت ڏي، ٻين جي ڪم اچڻ، پنهنجي گهر وارن کي، غريبن بي سَهارن جا ڪم پنهنجي هٿن سان ڪرڻ، هي بہ وڏي سعادت آهي.

## پياري آقا جي بيمثال عاجزي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ادا بہ اها ئي هئي تہ پنهنجو پاڻ بازار وڃي ڪري سودو وغيره پنهنجي مبارڪ ڪلهن تي رکي ڪڻي ايندا هئا جيئن شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: نبي

[1] حلية الاوليا، جلد:1، صفحہ:84۔

ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي خادمين سان پنهنجي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندا هئا، بازار مان پنهنجو سامان پاڻ کڻي ايندا هئا ۽ ڪنهن ٻئي کي کڻڻ جي لاءِ نه چوندا هئا.[1]

تِری سادگی پہ لاکھوں تِری عاجزی پہ لاکھوں | ہوں سلام عاجزانہ مدنی مدینے والے[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سچي عزت الله ۽ رسول جي آهي

هڪ ڀيرو حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ملڪِ شام ڏانهن تشريف کڻي ويا ته حضرت سَيِدُنا اَبُوعبيده بن جَرّاح رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ به پاڻ سان گڏ هئا، ٻئي هڪ اهڙي هنڌ تي پهتا، جتي گوڏن تائين پاڻي هو، پاڻ پنهنجي ڏاچيءَ تي سوار هئا، ڏاچيءَ تان لٿا ۽ پنهنجا جورابَ لاهي پنهنجي ڪلهي تي رکي ورتا، پوءِ ڏاچيءَ جو لغام پڪڙي پاڻي ۾ داخل ٿي ويا، هي انداز ڏسي ڪري حضرت اَبُوعبيده رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ عرض ڪيو: اي اميرُالمؤمنين...!! هتان جا ماڻهو اوهان کي هن حالت ۾ ڏسن، مون کي اهو بلڪل به پسند ناهي.

حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جن ارشاد فرمايو: اي اَبُوعُبيده! جيڪڏهن اها ڳالهه اوهان کان علاوه ڪو ٻيو ڪري ها ته مان ان کي نشانِ عبرت بڻايان ها، ياد رکو! اسان هڪ غريب قوم هئاسين، پوءِ الله پاڪ اسان کي اسلام جي ذريعي عزّت عطا فرمائي، بَس جيڪڏهن اسان اسلام کان علاوه ڪنهن ٻئي کان عزّت حاصِل ڪرڻ چاهينداسين ته الله پاڪ اسان کي رُسوا ڪري ڇڏيندو.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي به هڪ سبق آهي...!! اڄ اسان وٽ ماڻهو غير مسلمن جا طور طريقا اپنائڻ کي عزت سمجهندا آهن، سنت جي مطابق لباس پائڻ ماڻهن

---

[1]...مدارج النبوة(مترجم)، جلد:1، صفحہ:66۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:426۔

[3]...مستدرک، کتاب الایمان، قصة خروج عمر الی الشام...الخ، جلد:1، صفحہ:236، 237، حدیث:214۔

کي چڱو ناهي لڳندو، پنهنجي طور تي پنهنجي عزت ناهڻ ۽ بچائڻ جي خاطر ماٺهو سنت کي ڇڏي ڏيندا آهن، فيشن پرست کي ماڊرن سمجهيو ويندو آهي، هن دور ۾ فيشن اپنائڻ کي براڻ مائندڻ (يعني روشن خيال) هجڻ سمجهندا آهن پر ياد رکو! هي حقيقت ۾ عزت نہ بلڪ ذلت آهي. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ (سيپارو: 28، المنٰفقون: 8) ترجموڪنزُالعرفان: حالانڪ عزت تہ اللّٰه ۽ ان جي رسول جي لاءِ آهي.

سموري عزت اللّٰه ۽ رسول وٽ آهي، جنهن کي بہ عزت ملندي، اللّٰه ۽ رسول وٽان ئي ملندي، ان کان علاوه جيڪڏهن اسان کنهن ٻئي وٽان عزت ڳولڻ نڪرنداسين تہ عزت نہ ملندي، ابتو ذلت جي اونهي کاهيءَ ۾ وڃي ڪِرنداسين. اج ڏسو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي کهڙي عزت آهي، وڏن وڏن جا سر سندن نالي تي جُهڪي ويندا آهن، پنهنجا تہ پنهنجا پر پراوا بہ سندن نالو ادب سان وٺندا آهن. هي عزت سندن ڪٿان ملي، اللّٰه ۽ رسول جي فرمانبرداري سان ملي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ادائن اپنائڻ سان ملي، اللّٰه ۽ رسول جي حضور عاجزي اپنائڻ سان نصيب ٿي.

## عاجزي ڪيئن ملي؟

اسان کي بہ گهرجي تہ عاجزي اختيار ڪريون، تڪبر، خودپسندي، پنهنجي انا ۾ رهڻ کان پري رهون، بندگي جو اصل معيار ئي عاجزي آهي، تنهنڪري حقيقي ٻانهو اهو ئي آهي جيڪو عاجزي اختيار ڪري ٿو، تنهنڪري ۞ عاجزي جا فضائل پڙهو ۞ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سيرت پاڪ جو مطالعو ڪريو! ۞ قبرستان جي حاضري ڏيڻ جي عادت بڻايو !۞ دل ۾ خوفِ خدا وڌايو !۞ تڪبر، خودپسندي وغيره جي نقصانن جو مطالعو ڪريو ! ۞ عاجزي وارو انداز اختيار ڪريو! جيئن: سلام ۾ پهل ڪريو! ۞ ٻين کي

پاڻ کان بهتر سمجهو! ۞ جڏهن بہ دل ۾ تڪبر ۽ خودپسندي وارو خيال اچي، پنهنجن گناهن کي ياد ڪريو! ۞ قبر ۽ آخرت جو تصور رکو! ۞ جيترو ٿي سگهي پنهنجا ڪم پنهنجي هٿن سان ڪرڻ جي عادت بڻايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عاجزي نصيب ٿيندي ۽ تڪبر ۽ خودپسندي جهڙيون بريون باطني بيماريون ختم ٿي وينديون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

## عرب ۽ عجم جي خليفي جو لباس

هڪ روايت آهي: هڪ ڀيرو مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: هاڻي توهان امير المؤمنين آهيون، الله پاڪ توهان جي هٿن تي قيصر ۽ ڪسريٰ جون حڪومتون فتح ڪري ڇڏيون آهن، گذارش آهي تہ توهان سنو قيمتي لباس پائيندا ڪيو! عمده عمده کاڌا کائو! جيئن توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ وارن تي توهان جو رعب طاري رهي. اهو ٻڌي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ زاروقطار روئڻ لڳا. پوءِ عرض ڪرڻ واري کي فرمايو: ڇا حضور نبي رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ڪڏهن ٽي ڏينهن مسلسل پيٽ ڀري کاڌو کاڌائون؟ ڇا پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ڪڏهن زمين کان مٿي کاڌي جي ميز لڳرائي؟ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تہ زمين تي کاڌي جو برتن رکائيندا هئا. وڌيڪ فرمايائون: منهنجي علم ۾ آهي تہ الله پاڪ جي نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم هميشہ اُون جو جُبّو پاتو جنهن جي سختيءَ کان سندن مبارڪ جسم ڪڏهن ڪڏهن زخمي ٿي ويندو هو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي گهر ۾ جيڪا ڏينهن ۾ هڪ چٽائي ۽ رات ۾ بسترو رکيو ويندو هو، اهو ايترو کُهرو هوندو هو جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي مبارڪ جسم تي ان جا نشان پئجي ويندا هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم اهڙي طرح زندگي گذاري جو

راتين جو جاڳندا، رڪوع ۽ سجود ڪندا، ڏينهن رات خشوع ۽ خضوع سان روئندا هيا، ايتري تائين جو الله پاڪ کين پنهنجي رحمت ۽ رضوان جي طرف گهرايو. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ الله عَنْهُ جون اهي فڪرِ آخرت واريون، عشقِ رسول واريون ڳالهيون ٻڌي عرض ڪرڻ وارا واپس هليا ويا ۽ پاڻ رَضِیَ الله عَنْهُ آخري وقت تائين سادگي ۽ عاجزي وارو لباس پائڻ جاري رکيو. (1) الله پاڪ اسان کي به سادگي نصيب فرمائي! پائڻ ۾ سادگي، کاڌي ۾ سادگي، چال چلت ۾ سادگي، ڳالهائڻ ٻڌڻ ۾ سادگي، هرلحاظ کان زندگي ۾ سادگي هجڻ گهرجي، ان سان وقار وڌي ٿو.

## سادگي جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو: حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ الله عَنْه جي سيرتِ طيبه جي هن مبارڪ پهلو ۾ نصيحتن جا ڪيئي مدني گُل آهن، جيتوڻيڪ سُنو لباس پائڻ ۾ ڪو حرج ناهي بلڪ سُٺي نيتن سان اجر ۽ ثواب جي اميد آهي، پر اهڙو لباس پائڻ کان بچڻ نهايت ضروري آهي جنهن کي پائي ڪري غرور ۽ تڪبر ۾ مبتلا ٿيڻ جو انديشو هجي، جنهن کي پائي ڪري دل ۾ پنهنجي عزت وڌڻ جي خواهش پيدا ٿئي جو منهنجو لباس ڏسي ڪري ماڻهو منهنجي عزت ڪن، جيئن ته فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ڪُهرو ۽ سوڙهو لباس پائيندا ڪيو ته جيئن عزت افزائي ۽ فخر کي توهان ۾ ڪا جڳهه نه ملي.[2]

## ادنيٰ لباس ايمان جي علامت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ادنيٰ درجي جو لباس پائڻ ايمان مان آهي. (يعني الله پاڪ جي لاءِ تواضع ڪندي اعليٰ لباس ترڪ ڪرڻ ۽ ادنيٰ لباس کي ترجيح ڏيڻ ايمان جي علامت آهي.)

---

[1]...تاريخ دمشق، عمر بن الخطاب، جلد:44، صفحه:294، 295 ملخصاً۔
[2] ابو داود، كتاب الترجل، باب النهي عن...الخ،صفحه:653، حديث:4161

مشهور مفسرِ قرآن مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هن حديث جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن جو مطلب آهي تہ معمولي لباس، قاتل پراڻن ڪپڙن کان شرم ۽ ڪراهت نہ هجڻ ڪڏهن ڪڏهن پائي بہ وٺڻ مومن مُتقي جي علامت آهي، هميشہ اعليٰ درجي جا ڪپڙا پائڻ جو عادي بڻجي وڃڻ جو معمولي لباس پائڻ ۾ شرم اچي هي طريقو تڪبر وارن جو آهي، ايمان مان مُراد ڪمال ايمان آهي.(1)

## فاروقِ اعظم جي تڪبر جي نحوست کان پاڪيزگي

پيارا اسلامي ڀائرو: اَميرُ المؤمنين حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جتي عاجزي ۽ انڪساري جا پيڪر هئا اتي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ تڪبر جهڙي نحوست کان بہ پاڪ ۽ صاف هئا. ڇوتہ تڪبر هي آهي تہ ماڻهو پاڻ کي ٻين کان وڏو سمجهي ۽ ٻين کي پاڻ کان حقير سمجهي. تڪبر جو انجام ذلت ۽ خواري آهي جيڪو تڪبر ڪندو يقيناً ذليل ٿيندو.

تَكَبُّر عَزَازِيْل رَا خُوَارْ كَرَدْ | بَزَنْدَانِ لَعْنَتْ گِرِفْتَار كَرَدْ

**وضاحت:** تڪبر عزازيل (شيطان) کي ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيو ۽ ان کي لعنت جي جيل خاني ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو.

پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي مسلمانن جي پهرين خليفي اَميرُ المؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان بعد امت ۾ سڀ کان افضل ۽ بهتر هجڻ جي بارگاهِ رسالت کان سند عطا ٿي پر پاڻ ڪڏهن فخر نہ ڪيائون ۽ نہ ئي ڪنهن مسلمان کي حقير سمجهيائون. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ٻين مسلمانن کي پاڻ کان بهتر فرمائيندا هئا. جيئن تہ حضرت ابو رافع رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري اَميرُ المؤمنين حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ منهنجي ويجهو کان گذريا تہ مان قرآنِ پاڪ جي خوبصورت لهجي ۾ تلاوت ڪري رهيو هيس، پاڻ

---

[1]... مرآة المناجيح، جلد:6، صفحہ:109۔

ٻڌي ڪري ارشاد فرمايائون: يَا اَبَا رَافِعُ! لَاَنْتَ خَيْرٌ مِّنْ عُمَرَ تُوَدِّیْ حَقَّ اللهِ وَحَقَّ مَوَالِيْكَ يعني اي ابو رافع! يقيناً تون عُمر کان بهتر آهين جو تون الله پاڪ جا حقوق ۽ پنهنجي آقا جا حقوق چڱي طرح ادا ڪرين ٿو.(1)

نگاہِ خیرِ بشر کا ہے انتخاب، عمر | ہے عَزم و ہمت و عدل و وفا کا باب، عمر
یونہی نہیں ہیں ولایت کا آفتاب، عمر | ہیں بارگاہ نبوت سے فیضیاب، عمر
کہا حضور نے ہوتے اگر نبی باقی | خدا کا ہوتے بلاریب انتخاب، عمر
علم جہاں میں اسلام کا بلند کیا | جہان بھر میں یوں لے آئے انقلاب، عمر
تمام عمر نہ راحت انہیں میسر ہو | ہوں دشمن آپ کے جل بھن کے یوں کباب، عمر
وسیله شہِ بطحا نگاہِ لطف و کرم | کہ حال آپ کے ازہر کے ہیں خراب، عمر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ عشق رسول وڌائڻ سُنّتن تي هلڻ، نيڪ نمازي ٻڻجڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ به آهي. قرآنِ مجيد سکڻ تمام فضيلت وارو ڪم آهي: احاديث ۾ هن طرح مضمون آهي: صبح هن حال ۾ ڪيو جو يا ته توهان عالم هجو يا علم دين جا طالب.[2] ۞ هڪ روايت جي مطابق صبح جي

[1] ... شُعَبُ الْايمان ، باب فی حق السادة علی المماليک، جلد:6، صفحه:386، حديث:8613 ـ
[2] دارمی، المقدمة، باب فی ذهاب العلم، صفحه:96، حديث:254ـ

وقت قرآنِ مجيد جي هڪ آيت سکڻ 100 رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي.[1] ۞ اَلحَمْدُلله! دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول فجر جي نماز کان بعد تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو لڳائيندا آهن.۞ هن ۾ 3 قرآني آيتون. ۞ ان جو ترجمو ۽ تفسير ٻُڌي، ٻڌائي ويندي آهي. ۞ فيضانِ سُنّت مان درس ڏيندو آهي.۞ شجرو شريف پڙهيو ويندو آهي. ۞ دعا ڏيندي آهي ۽ آخر ۾ اشراق، چاشت جا نفل بہ ادا ڪيا ويندا آهن. ۞ **اوهان بہ تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شريڪ ٿيڻ جي عادت بڻايو!** اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ ساريون برڪتون ملنديون. حديث شريف جي مطابق جيڪو صبح جي وقت مسجد ۾ نيڪي سکڻ وڃي، ان کي عُمري جو ثواب ملندو آهي.[2] ۞ صبح جو وقت نيڪين ۾ گذرندو تہ برڪت ملندي. ۞ سڄو ڏينهن سٺو گذرندو. ۞ صبح صبح علم دين سکڻ جو موقعو نصيب ٿيندو۞ شجري شريف جي صورت ۾ نيڪ ٻانهن جو ذڪر ٿيندو. ۞ انهن جي محبّت دل ۾ ويهندي. ۞ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي روحاني توجهه ملندي ۞ ايمان تازو ٿيندو ۞ ان جي وسيلي سان ڪيل دعائون اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! پوريون ٿينديون ۞ هڪ وڏي برڪت اها آهي تہ نماز فجر کان نماز اشراق تائين مسجد ۾ رڪڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي ان تي عمل جي سعادت ملي ويندي. ۞ حديث پاڪ جي مطابق جيڪو فجر جي نماز کان بعد ذڪرُالله ۾ مشغول رهي، پوءِ اشراق، چاشت جا نفل پڙهي، ان کي جهنم جي باهہ نہ ڇُهندي.[3]

## ويزائون ملي ويون

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14 سال کان ٻاهرين مُلڪ ۾ مُقِيم هو. انهن کي هڪ ڀيري پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي ضَرورت پئي. انهن ويزائن جي لاءِ ڪيئي ڀيرا درخواستون جمع ڪرايون پر ڪافي ڪوشِشن جي باوُجود

[1] ابن ماجہ، باب فضل من تعلم القرآن و علمہ، صفحہ:48، حديث:219 ۔
[2] مستدرک، کتاب العلم، باب من جاء المسجد...الخ، جلد:1، صفحہ:281، حديث:317 ۔
[3] شعب الايمان، باب فی الصيام، جلد:3، صفحہ:420، حديث:3957۔

ويزائون نہ ملي سگھيون. مُلازم نہ ھئڻ جي ڪري انھن کي نقصان ڪٽڻو پيو. خير ھڪ دفعو ٻيھر درخواست جمع ڪرائي. انھيءَ دوران ھڪ اسلامي ڀاءُ جي مَشوَري تي اُنھن شَجَري شريف مان دُعائيہ شعرن کي مُسلسل پڙھڻ شروع ڪيو. ان جي برڪت سان انھن جو اھو ڪم حَيرت اَنگيز طور تي ڪجھ ڏينھن ۾ ٿي ويو يعني اُنھن کي گھربل تعداد ۾ ويزائون ملي ويون.[1]

مُشکلیں حل کر شَہِ مشکل کُشا کے واسطے | کر بَلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مَعرِفة القُرآن موبائل ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ ھڪ تمام سھڻي موبائل ايپلي ڪيشن نالي مَعْرِفة الْقُرْآن جاري ڪئي آھي. توھان ھن ايپلي ڪيشن ذريعي ۞ قرآن پاڪ جو لفظي ۽ بامُحاوره ترجمو پڙھي سگھو ٿا. ۞ھن ايپلي ڪيشن ۾ آيتن جا عنوان پڻ ڏنا ويا آھن، جنھن جي مدد سان پنھنجي موضوع مطابق قرآني آيتون ڏسي ۽ تلاش ڪري سگھو ٿا. خاص طور تي مبلغ اسلامي ڀائر ھن آپشن مان گھڻي مدد وٺي سگھن ٿا. ۞ايپلي ڪيشن ۾ سرچ جو آپشن پڻ ڏنو ويو آھي، جنھن جي مدد سان آيتون تلاش ڪرڻ ۾ سھولت ملي ٿي. ۞ موضوعات کي پن پوائنٽ ڪرڻ جو پڻ آپشن ڏنو ويو آھي.

توھان بہ ھي ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري وٺو! پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] شرح شجره قادريہ عطاريہ، صفحہ:175۔

[2] ...حدائقِ بخشش، صفحہ:148۔

# چند ضروري اعلانات

❁ هر هفتي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو ڪندا آهن، ايندڙ هفتي به رات عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ سوالن جا جواب به عطا فرمائيندا. تمام ذمّه داران ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت ڪن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين.

❁ شيخِ طريقت، امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو فيضان معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْہ جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏيو ۽ سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي نيت سان ٻين سان به شيئر ڪريو!

❁ مُحرَّم شريف اسلامي سال جو پهريون مهينو آهي. هن مهيني ۾ امام حسين رَضِیَ اللہُ عنہ ۽ سندن رفقاء کي ميدانِ ڪربلا ۾ مظلوميت سان شهيد ڪيو ويو، انهن پاڪباز هستين جي قربانين ۽ هن مهيني جي فضائل کي ڄاڻڻ لاءِ 3 رسالا (1): امام حسين جون ڪرامتون (2): امام حسين جا واقعا (3): حسيني گهوٽ ۽ محرم جي فضائل جو مطالعو ڪريو. هي رسالا امام حسين جون ڪرامتون 30 روپيا، امام حسين جا واقعات، حسيني گهوٽ ۽ محرم جا فضائل قيمت 20 روپين ۾ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان قيمتاً طلب ڪريو. پاڻ به پڙهو! ۽ ٻين کي به هن جي ترغيب ڏيو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّۃِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## زلفن ۽ مٿي جي وارن جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن جا وار هجن اهو انهن جي عزت ڪري.[2] يعني انهن کي ڌوئي، تيل لڳائي ۽ ڪنگو ڪري.

پيارا اسلامي ڀائرو! پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا زلف ڪڏهن نِصف (يعني اڌ) ڪن مبارڪ تائين * ڪڏهن ڪن مبارڪ جي لَو تائين ۽ * ڪڏهن ڪڏهن وڌي ويندا هئا ته مبارڪ ڪلهن کي جهومي جهومي ڪري چمڻ لڳندا هئا * اسان کي گهرجي ته ڪڏهن ڪڏهن ٽئي سنّتون ادا ڪيون، يعني ڪڏهن اڌ ڪن تائين ته ڪڏهن پوري ڪن تائين ته ڪڏهن ڪلهن تائين زلف رکون * ڪجھ ماڻهو ساڄي يا کاٻي پاسي سينڌ ڪڍندا آهن هي سنّت جي خلاف آهي * سنّت هي آهي ته جيڪڏهن مٿي تي وار هجن ته وچان سينڌ ڪڍي وڃي * مرد کي اختيار آهي مٿي جا وار ڪترائي يا وڏائي ۽ سينڌ ڪڍي * حضرت اَنس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اڪثر سَرِ اقدس ۾ تيل لڳائيندا ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ اڪثر ڪنگو ڪندا ۽ اڪثر مٿي مبارڪ تي ڪپڙو (يعني سربند شريف) رکندا هئا ايستائين جو اهو ڪپڙو تيل سان آلو ٿي ويندو هو.[1]

---

1... مشکوٰۃ،کتابُ:الْاِیمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175۔

2... ابو داؤد، کتاب الترجل، باب فی اصلاح الشعر، صفحہ:653، حدیث:4163۔

تيل کی بُوندیں ٹپکتی نہیں بالوں سے رضا | صبحِ عارِض پہ لُٹاتے ہیں ستارے گیسو

وضاحت: اي رضا! پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زلف مبارڪ مان جيڪي تيل جا ڦُڙا ٽِمي رهيا آهن، مونکي تہ هي منظر ايئن لڳي رهيو آهي جيئن تارن سان پريل رات مصطفٰي جي چهري تي، والضُّحٰي واري چهري تي تارا نڇاور ڪري رهي آهي. مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن پريو سَفر بہ آهي.

آؤ مَدَنی قافِلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنْ شَآءَ الله سر بَسَر

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت

جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (2)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (3)

## (4) ڇهہ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (4)

---

[1]... اَفْضَلُ الصّلاة، صفحہ:151، خلاصتہً۔

[2]... اَفْضَلُ الصّلاة، صفحہ:65۔

[3]... قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانی، صفحہ:277۔

[4]... اَفْضَلُ الصلاة، صفحہ:149۔

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (2)

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْھما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (3)

---

[1]… قَوْلُ البَدِيْع، باب اَوَّل، صفحہ:125۔

[2]… الترغيب والترہيب، کتَابُ الذِّکْر والدُّعَا، جلد:2، صفحہ:329، حديث:30۔

[3]… مَجْمَعُ الزَّوائد، کتَابُ الْاَدْعيہ، جلد:10، صفحہ:254، حديث:17305۔

# (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفےٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] … تاريخِ اِبْنِ عَسَاکِر، جلد:19، صفحه:155، حديث:4415۔